# سنڌ آرڊيننس نمبر **VI** مجريه **1978**

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1978

# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، **1978**

# THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION ORDINANCE, 1978

## فهرست **(CONTENTS)**


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. ڪميشن جي بيهڪ

Composition of Commission

4. چيئرمين ۽ ميمبرز جي مقرري

Appointment of Chairman and Members

5. چيئرمين ۽ ميمبرز جي ملازمت جون شرطون ۽ ضابطا

Terms and Conditions of service of Chairman and Members

6. چيئرمين ۽ ميمبرز جي برطرفي

Removal of Chairman and Members

7. ڪميشن جا ڪم

Functions of Commission

8. ڪميشن جي صلاح قبول نه ٿيڻ تي ان کي اطلاع ڪيو ويندو

Commission to be informed when its advice not accepted

9. ڪميشن جي رپورٽ

Report of Commission

10. قاعدا

Rules

11. ضابطا

Regulations

12. منسوخي

Repeal

# 1978

## SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1978

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1978

## THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION ORDINANCE, 1978

تمهيد (Preamble)

[29 مارچ 1978]

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1973 کي منسوخ ڪري ڪجهه تبديلين سان ٻيهر عمل ۾ آڻڻ جو آرڊيننس

جيئن ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1973 (1973 جو سنڌ ايڪٽ XVI) کي منسوخ ڪري ڪجهه تبديلين سان ٻيهر عمل ۾ آڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

وصفون

Definitions

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد ناهي ته:

(a) ”ڪميشن“ مطلب دفعه 3 تحت جوڙيل ڪميشن

(b) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت

(c) ”گورنر“ مطلب سنڌ جو گورنر

(d) ”ميمبر“ مطلب ڪميشن جو ميمبر ۽ ان ۾ چيئرمين به شامل آهي؛

(e) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن ۾ بيان ڪيل.

ڪميشن جي بيهڪ

Composition of Commission

3. (1) سنڌ صوبي لاءِ هڪ پبلڪ سروس ڪميشن هوندي، جنهن کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سڏيو ويندو.

چيئرمين ۽ ميمبرز جي مقرري

Appointment of Chairman and Members

(2) ڪميشن چيئرمين ۽ ميمبرن جي ايتري انگ تي مشتمل هوندي جيئن گورنر طئي ڪندو.

(3) گهٽ ۾ گهٽ اڌ ميمبر اهي هوندا، جن سروس آف پاڪستان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 سال ملازمت ڪئي هوندي.

4. (1) چيئرمين ۽ ميمبر گورنر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(2) ذيلي دفعه (4) تحت، ميبر جي آفيس جو مدو 5 سالن کان وڌيڪ نه هوندو، وڌيڪ ته اهو ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو، جنهن جو مودو ٽن سالن کان وڌيڪ نه هوندو.

(3) جيستائين ڪجهه هن سيڪشن جي مخالف نه ٿئي، ڪو شخص جيڪو هن آرڊيننس جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ چيئرمين يا ميمبر طور رهيو هوندو، اهو اهڙي تاريخ تي آفيس ڇڏي ڏيندو، جيئن گورنر هدايت ڪري.

چيئرمين ۽ ميمبرز جي خدمت جون شرطون ۽ ضابطا

Terms and Conditions of service of Chairman and Members

(4) ڪو ميمبر پنجهٺ سال عمر ٿيڻ تي آفيس نه رکي سگهندو:

بشرطيڪ گورنر پاران ان سلسلي ۾ جوڙيل ميڊيڪل بورڊ پاران سندس صحت فٽ هئڻ جي تصديق جي صورت ۾ سروس جي مفاد ۾ ڪيس وڌيڪ مدي لاءِ آفيس رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿو پر اٺهٺ سال عمر کان مٿي آفيس رکڻ جي اجازت نه هوندي.

(5) ميمبر گرنر کي پنهنجي هٿ لکت درخواست سان آفيس کان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

5. (1) چيئرمين يا ميمبر جي سروس جون شرطون ۽ ضابطا اهي هوندا، جيڪي گورنر طئي ڪندو، بشرطيڪ آفيس رکڻ جي مدي دوران شرطون ۽ ضابطا چيئرمين يا ميمبر جي نقصان ۾ نه ڦيرايا ويندا.

چيئرمين ۽ ميمبرز جي برطرفي

Removal of Chairman and Members

(2) انهيءَ عهدي ماڻ ڪانپوءِ، قانون موجب ميمبر پيهر سرڪاري نوڪري يا حڪومت طرفان قائم آٽونامس ڪارپوريشن يا باڊي ۾ نوڪري ڪرڻ جي اهل نه هوندو:

بشرطيڪ هن ذيلي دفعه موجب ڪنهن ميمبر کي

چيئرمين ٿيڻ ۾ ڪا روڪ نه هوندي:

وڌيڪ ته هن ذيلي دفعه جي ڪجهه خلاف نه هجي ته ميمبر لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو، جيڪو ميمبر طور مقرريءَ کان فوري اڳ سرڪاري نوڪري ۾ هيو، ۽ قانون موجب ان عمر تائين نه پهتو هيو، جو هو سول سرونٽ نه ٿي سگهي.

6. (1) جيڪڏهن گورنر ان خيال جو آهي ته چيئرمين يا ميمبر، طبي يا ذهني طور پنهنجون ذميواريون نڀائڻ جي اهل ناهي يا بدعنواني جو ذميوار آهي ته، هي ان معاملي جي جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪري سگهي ٿو، جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(2) جاچ ويهارڻ ڪانپوءِ، جيڪڏهن جج اهڙي رپورٽ ڏئي ٿو ته چيئرمين يا ميمبر پنهنجون ذميواريون نڀائڻ جي اهل ناهي يا بداعنواني جو ذميوار آهي ته گورنر دفعه 4 جي شقن سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ ڪانسواءِ، اهڙي چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿو.

وضاحت: هن ذيلي دفعه جي مقصد ماڻ لاءِ، ”بدعنواني“ مطلب اهو عمل جيڪو سروس ڊسيپلين جي گڏ آرڊر کان مٿانهون هجي يا صوبي سنڌ جي سول سرونٽ هئڻ جي قاعدن سان ٽڪراءَ ۾ هجي يا عملدار يا معزز ماڻهو نه رهي ۽ چيئرمين يا ميمبر طور ڪو اهڙو قدم کڻي، جنهن

سان حڪومت يا ڪنهن سرڪاري عملدار تي سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ طرح سياسي يا ٻاهريون اثر وجهي، پنهنجي چيئرمين يا ميمبر رهڻ سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي ۾، رٽائرمينٽ يا سندس سروس جي شرطن سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي معاملي ۾ ۽ جنهن ۾ شامل آهي:

(i) بداخلاقي جي ڏوهه ۾ ملوث هئڻ لاءِ سزا

(ii) فرقيوار، قومي يا سياسي تڪرارن ۾ ڀرپور شرڪت

(iii) ڪميشن سان لاڳاپيل معاملن جي قانونن جي مسلسل ڀڃڪڙي

(iv) جائز ذريعن کان مٿانهين رهڻي ڪهڻي جو نمونو اختيار ڪرڻ

ڪميشن جا ڪم

Functions of Commission

(3) جاچ جي مقصد لاءِ هن دفعه تحت جج کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جو ايڪٽ V) تحت سول ڪورٽ جا اختيار هوندا، هيٺ ڄاڻايل معاملن ۾، يعني:

(i) ڪنهن شخص کي حاضري کي يقيني بڻائڻ ۽ قسم تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ؛

(ii) ڪاغذن جي بازيابيءَ جي گهر

(iii) قسم نامن تي شاهدي حاصل ڪرڻ

(iv)ڪاغذن جي شاهدي جي جاچ لاءِ ڪميشن کي اجازت ڏيڻ

ڪميشن جي صلاح قبول نه ٿيڻ تي ان کي اطلاع ڪيو ويندو

Commission to be informed

7. ڪميشن جا هيٺيان ڪم هوندا:

(i) شروعاتي مقرري لاءِ ڀرتي جي ٽيسٽ ۽

| | |
|---|---|
| when its advice not accepted | امتحان منعقد ڪرڻ: |
| | (a) سنڌ صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل اهڙيون آساميون: |
| ڪميشن جي رپورٽ | (b) اهڙيون آساميون جيڪي ڪنهن قانون تحت ڪنهن ڪارپوريشن يا ٻي آٽونامس باڊي يا حڪومت جي آرگنائيزيشن سيٽ اپ ۾ هجن يا جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ |
| Report of Commission | (ii) حڪومت کي مشورو ڏيڻ: |
| | (a) شق (i) جو حوالو ونڊي آسامين تي ڀرتي لاءِ اهليت سان لاڳاپيل معاملن ۽ ڀرتي جي طريقن تي، ۽ |
| | (b) ڪو ٻيو معاملو جيڪو حڪومت ڪميشن ڏانهن اماڻي سگهي ٿي؛ |
| | (iii) ڪاتيوار يا ٻولي جو امتحان وٺڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| قاعدا Rules | 8. جتي حڪومت ڪميشن جو مشورو قبول نه ٿي ڪري، ته حڪومت ڪميشن کي سبب سان گڏ اطلاع ڏيندي، جيڪڏهن ڪو هجي. |
| ضابطا Regulations | |
| منسوخي Repeal | 9. (1) ڪميشن سال دوران ڪيل ڪم بابت گورنر کي سالياني رپورٽ پيش ڪندي. |
| | (2) ذيلي دفعه (1) تحت رپورٽ سان گڏ هڪ يادداشت نامو هوندو، جنهن بابت ڪميشن کي ڄاڻ |

هوندي:

(a) ڪيسز، جيڪڏهن ڪي هجن، جن ۾ ڪميشن جو مشورو قبول نه ڪيو ويو ۽ ان جا سبب؛

(b) معاملا، جيڪڏهن ڪي هجن، جن تي ڪميشن کي صلاح مشورو ڪرڻو هيو پر ان صلاح مشورو نه ڪيو ۽ ان جا سبب.

(3) گورنر رپورٽ جي ڪاپي صوبائي اسيمبلي آڏو پيش ڪرڻ جو مجاز هوندو.

10. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

11. ڪميشن هن آرڊيننس تحت ان کي سونپيل ڪمن ۽ ڪارهنوار هلائڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

12. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1973 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: **ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**